
# حمزه علويءَ
# کي ساريندي



ظفر شهيد

HAMZA ALAVI FOUNDATION

# حمزه علويءَ
# کي ساريندي

ظفر شهيد

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حق ۽ واسطا ليکڪ ۽ حمزه علوي فائونڊيشن وٽ هٿيڪا

ڇاپو: 2016

ڇپرائيندڙ: حمزه علوي فائونڊيشن

ترجمو: اسلم خواجا

رابطي لاءِ: مصطفيٰ منزل، 64/GRE،
ڇيسٽنٽ اسٽريٽ، گارڊن ايسٽ،
ڪراچي، فون نمبر 021-32226356/57
اِي ميل: zainalavi@yahoo.com

# حمزه علويءَ ڪي ساريندي

## ظفر شهيد[1]

### 1- تعارف

تاريخ حمزه علويءَ کي بينڪيـنـي راڄ ڪانپوءِ واري رياست ۽ لاڳاپيـل سـماجي-سياسـي طبقـن، هـاري تنظيمـن ۽ تحريڪن، ۽ پاڪستان جي تحريڪ، بشمول مسلمان معاشرن ۾ مذهب جي مامرن بابت سندس نظرين جي حوالي سان ياد رکندي. هت مقصد انهيءَ فرد ۽ سندس خيالن کي آڏو آڻڻ آهي ته جيئن انهيءَ شاندار انسان جي وڏيڪ چٽي ۽ گهڻ پاسائتي تصوير پيش ڪري سگهجي.

ڏهـ سـال اڳ، جڏهن حمـزه علـويءَ هـن ڌرتـيءَ ڪـان موڪلايـو تـه انگريـزي روزانـي اخبـار ڊان 2 ڊسـمبر 2003 تـي لکيو: ”آزاداڻي ۽ عقلي طور تي سوچيندڙ ذهنن ڪان محروم اسانجي معاشري ۽ اسٽيبلشمنٽ، انهن ساڄاهه وندن کي ڪڏهن به نه قبوليو آهي، جيڪي روائتي انداز جي پيرويءَ جا انڪاري رهيا آهن.“ انٽرنيٽ تي پنهنجي خراج ۾ سوشلسٽ رجسٽر جي ايڊيٽرن جو چوڻ هو ته ”حمزه علويءَ جي آپيشاهي، بنياد پرستي ۽ سرمائيداريءَ جي لاڳيتو مخالفت ڪيس روائتي نوعيت جي اعزازن ماڻڻ ڪان ڪوهين ڏور تي ڪيو ۽ جيڪڏهن اِهي آچجن به ها ته بہ سندس انڪساري ڪيس انجي مزاحمت تي هرڪائي ها.“ورلي صفت واري لوچيندڙ سرگرم ڪارڪن حمزه علويءَ

---

[1] ايشوني سيٽ جو ٽورائٽو آهيان جنهن رسالي ڊويلپمنٽ اينڊ چينج نمبر(3)44 جي صفحي نمبر753 ڪان 768 تائين تي شائع ٿيل مضمون ”حمزه علوي: ٽين دنيا جو ڏاهو ۽ سرگرم ڪارڪن“ جي سري هيٺ مضمون لکڻ واري خيال جي پهل ڪئي. حمزه علويءَ جي ڏهين ورسيءَ تي لکيل هيءُ مضمون انهيءَ مضمون تي آڌاريل آهي.

پنهنجي ڏاهپ ۽ سياسي ساک ذريعي عالمي ميچتا ماڻي ۽ ان هوندي بہ چاهيائين تي تہ مذهب ۽ فلسفو سندس ملک ۽ انجي واسين لاءِ ڪي ڪجھہ ڪن. سي ڪان وڌيڪ اِهو تہ هُن تنقيدي قلهور ۽ سامراج دشمن ادراڪ پيدا ڪرڻ ۾ ايندڙ نسلن ڪي اتساهڻ ۽ حوصلو ڏيارڻ ۾ اُميد لڳائي جيڪا پاڪستان جهڙن بينڪيت ڪانپوءِ وارن ملڪن ۾ ماضي ۽ هاڻوڪي صورتحال ڪي سمجهڻ لاءِ سادن سودن تنگ نظر مذهبي ٽڪسالن ڪي للڪاري پئي سگهي.

هيءُ يادگيريون ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن. پهريون ڀاڱو حمزه علويءَ جي زندگي ۽ سرگرمين جو وڏياوار خاڪو آهي، ٻيو ڀاڱو سندس ڪجھہ آدرشن ۽ انهن جي اجوڪي دور ۾ لاڳاپيل هئڻ ڪي مخاطب ٿو ڪري. حمزه علوي ڪنهن تعليم دان واري روائتي هڪ رخي منصب تائين محدود نہ رهيو پر پنهنجي حياتيءَ ۾ انيڪ سرگرمين ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهيو جنهن ڪيس لوچيندڙ-سرگرم فرد جو روپ ڏنو. هُن بينڪيت ڪانپوءِ قومي اڏاوت جي حصي طور مرڪزي بينڪ ڪان آبادگاريءَ ڪان وٺي نسل پرستي، سامراج ۽ آپيشاهي مخالفت ۾ سرگرم حصو وٺڻ ڪان برطانيا ۽ آمريڪا ۾ تدريسي منصب سنڀاليا، آخرڪار جمهوري تحريڪ ۾ پنهنجو حصو وجهڻ لاءِ پنهنجي ديس موٽي آيو. انهيءَ سفر ۾، هُن تدريسي لحاظ ڪان ماليات ۽ معيشت ڪان سياسيات جي مسافري ڪئي.

## 2- سرگرميون

حمزه علوي 10 اپريل1921 تي ڪراچيءَ ۾ جائو ۽ ساڳي شهر ۾ پهرين ڊسمبر 2003 تي گذاري ويو. سندس ڏاڏو ۽ والد ناميارا واپاري، سخي ۽ تعليمدان هئا. حمزه علوي پنهنجي ڪٽنب جي تعليمي ٽرسٽ طرفان هلندڙ اسڪولن مان هڪ ۾

غريب شاگردن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جي نتيجي ۾ سوشلسٽ شعور ڏانهن راغب ٿيو. اڳتي هلي، ڪراچي اڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾، ڪيس بہ داخل ڪرايو ويو جتي شاگردن جو هڪ وڏو تعداد غريب گهراڻن مان ٿي آيو. هُن وڌيڪ تعليم ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچي، واڊيا ڪاليج پونا، بمبئي يونيورسٽي ۽ عليگڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ (جتان معيشت ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين) مان پرائي. هو پنهنجي پي ايڇ ڊيءَ لاءِ گوکلي انسٽيٽيوٽ، پونا ۾ گهڙيو پر پنهنجي عملي ڪم ڪار واري زندگيءَ لاءِ اِهو ڪورس ڇڏي ڏنائين.

## 2.1 نوجوان اسٽيٽ بينڪ آفيسر

حمزه علويءَ چوويهن سالن جي ڄمار ۾، 1945 دوران ريسرچ آفيسر طور ريزرو بينڪ آف انڊيا ۾ شموليت اختيار ڪئي. ٻن سالن ڪانپوءِ، ورهاڱي ۽ پارٽ ۽ پاڪستان جي آزاديءَ مهل هُن اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هُن سرڪاري طور تي اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان قائم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ پنهنجي سر ڪراچيءَ ۾ ايڪسچينج ڪنٽرول قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جنهن نئين رياست کي فوري طور تي عمل هيٺ اچڻ جو موقعو فراهم ڪيو. پنهنجي زندگيءَ جي ٻئي ڏهاڪي دوران گهڻ-جهتي اختيار رکندي، اوپر پاڪستان ۾ اسٽيٽ بينڪ جي بااختيار عملدار طور ڪم ڪندڙ حمزه علوي 1952 ۾ سينٽرل بورڊ جي سيڪريٽري طور بينڪ جي پنجن بنيادي عملدارن مان هڪ ٿيو، انهن عهدن تي هئڻ دوران، حمزه علويءَ کي مفاد پرست قومي ۽ بين الاقوامي ڌرين ۽ وڏندڙ واپاري مفادن جي دٻاءُ جو پڻ مقابلو ڪرڻو پيو جن قوم بدران پنهنجي لاءِ ۽ مفادن کي ترجيح ٿي ڏني. هُن پنهنجي اخلاقي دڳ کي برقرار رکندي،

ڪنهن ڊپ ڊاءُ يا نوازڻ ڪانسواءِ پنهنجو فرض نڀايو. بهرصورت، نوڪريءَ جي ڊباءُ سان گڏوگڏ تدريسي ڪيتر ڏانهن موٽ واري لوڙ ڪائنس بينڪ ڇڏرائڻ جو فيصلو ڪرايو.

## 2.2 افريڪا ۾ آبادگاري

هو جيڪڏهن اسٽيٽ بينڪ ۾ ئي رهي ها تہ ڪر بينڪ جو سڀ کان ننڍي ڄمار وارو گورنر ٿي پئي سگهيو. هو عالمي مالياتي فنڊ (IMF) يا ورلڊ بينڪ ۾ ڪامياب عهدن ڏانهن هرکي پئي سگهيو يا وري پنهنجي ڪٽنبي ڏنڌي ۾ جُنبي پئي سگهيو پر ان بدران 1953 ۾ هُن پنهنجي پهرين ڪم ڪار کان بنهہ مختلف راهہ اختيار ڪئي. ترياق طور، هو پنهنجي گهرواري خاتون جي اباڻي ديس اوڀر افريڪا وڃي پهتو، جتي ٻني ٻارو ڪرڻ سان گڏوگڏ هارين نارين ۽ سنڌن جيوت تي اڀياس شروع ڪيائين، جيڪو ترقياتي اڀياسن ۾ سندس پهرين مهارت ٻڻجڻو هو.

## 2.3 برطانيہ ۾ سياسي طور تي سرگرم

1955 ۾، صحت جي خرابيءَ سبب، حمزه علوي پنهنجي گهرواري خاتون سوڌو برطانيا منتقل ٿيو ۽ پاڪستان ۾ بينڪاريءَ تي پي ايچ ڊيءَ واسطي لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس ۾ گهڙيو. جهڙي ريت هو پنهنجي سوانحي خاڪي ۾ ڄاڻائي ٿو تہ پاڪستان ۾ بينڪن وارو سرشتو جوڙڻ ۾ ڪليدي ڪردارادا ڪرڻ سبب هو اِهو مقالو اڪيون پوري بہ لکي پئي سگهيو. انهيءَ موضوع کان ٿڪجڻ سبب هُن سماجي سائنس بابت پنهنجي سموري حياتيءَ جي اڀياس ۽ لکڻ جي حصي طور سماجيات، علم انسان ۽ سياسيات تي سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي.

1958 ۾ جنرل ايوب خان هٿان ملڪ تي مارشل لا مڙهجڻ ۽ انجي نتيجي ۾ قومي جمهوري عمل جي تباهيءَ حمزه علويءَ کي انتهائي سرگرم سياسي زندگيءَ ڏانهن لاڙيو. هُن پنهنجي گهرواري ۽ ڪجهه ٻين هم خيال دوستن سان گڏجي لندن ۾ موجود پاڪستاني تارڪين وطن کي ڏيهه ۾ آمريت هيٺ ٿيندڙ سماجي ناانصافين ۽ برطانيا ۾ شاگردن ۽ پورهيتن سان ٿيندڙ سماجي ناانصافين سان گڏوگڏ جديد سامراجيت جي اُڀرن اثرن کان واقف ۽ حساس ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. هنن ڪيترائي گروپ جوڙيا، جن جي شروعات ايشيا، افريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي رهواسين کي ميڙي مُٺ ڪري منجهن ٻينڪيتي راڄ ڪانپوءِ وارن مامرن تي بحث ڪرائڻ کان ڪئي وئي. ٻئي پاسي هڪ وسيع لبرل، سوشلسٽ فورم پاڪستان يوٿ ليگ پندرهين ڏينهن گڏجاڻيون تي گهرايون جن ۾ ٽوني ٻين ۽ ايرڪ هوبسباوم جهڙن سوشلسٽن سميت مختلف غير پاڪستانين پڻ خطاب تي ڪيو. هڪ وڌيڪ ضابطي واري پاڪستاني سوشلسٽ سوسائٽيءَ ايوب شاهيءَ خلاف پاڪستانين جي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ڪميٽيءَ جي راهه هموار ڪئي. اُت پاڪستانين جون ٻه فلاحي تنظيمون پڻ هيون، جن مان اوپر لنڊن واري ايسوسيئيشن گهڻي ڀاڱي اوپر پاڪستانين تي ٻڌل هئي جڏهن ته سلوگ واري ايسوسيئيشن ۾ گهڻي ڀاڱي پنجابي ۽ اولهه پاڪستان وارا شامل هئا، جنهن ذريعي حمزه علوي ۽ سندس دوستن پورهيتن کي منظم ٿي ڪيو.

1957 کان 1962 تائين حمزه علويءَ پنهنجي شروع ڪيل ٽه-ماهي رسالي پاڪستان ٽوڊي کي ايڊٽ ڪيو جنهن ۾ هُن فوجي آمريت هيٺ پنهنجي ديس جو تيز ترار تجزيو ٿي پيش ڪيو. آخري پرچو مڪمل طور تي حمزه علويءَ جي مضمون "امريڪي امداد جو بار" تي ٻڌل هو (اِهو مضمون پاڪستان ۾

نامياري سوشلسٽ شاعر فيض احمد فيض ٻيهر ڇپرائي ورهايو).

حمزه علوي اُن دور جي هڪ اهم پريشر گروپ نسلي مت ڀيد خلاف مهم (CARD) جو شريڪ باني هو، جنهن جو هو نائب سربراهه ۽ ويسٽ انڊيز سان تعلق رکندڙ ڊيوڊ (اڳتي هلي لارڊ) پٽ سربراهه هو. ٻن عورتن هڪ پارٽي مائو نواز ۽ ٻي امريڪي ٽراٽسڪائيٽ کي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. پاڪستانين، پارٽين، ويسٽ انڊيزين سان گڏوگڏ همدرد اڇي چمڙي وارن برطانوي شهرين تي ٻڌل CARDنسل پرستيءَ جي وڌندڙ لهر خلاف ويڙهه ۾ رڌل هڪ وڏي تحريڪ جو اهم حصو هئي. انهن انواع ڪميونٽي نمائندن مان ڪن کي، جن ۾ حمزه علوي پڻ شامل هو، مارٽن لوٿر ڪنگ پنهنجي نوبل امن انعام ماڻڻ واري سفر دوران پنهنجي لنڊن واري هوٽل تي نسل پرستيءَ بابت خيالن جي ڏي وٺ لاءِ پڻ نيند ڏني. انهيءَ گڏجاڻيءَ سرگرم ڪارڪنن کي برطانيا ۾ نسل پرستيءَ خلاف قوتن جي ايڪتا جي قدر جو احساس ڏياريو ۽ CARDشروع ڪرڻ واري فيصلي تي اثرانداز ٿي.

1960 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ برطانيا اندر سياسي سرگرم ڪارڪن طور حمزه علوي ليبر پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن بڻجي ويو، پر ولسن حڪومت جي پاليسين کي نسل پرستاڻي سياست ليکيندي ان تان استعفا ڏئي ڇڏيائين. پهرين ۽ ٽين دنيا جي سطح تي بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ وارن مسئلن کي پيش نظر رکندي حمزه علوي برطانيا جي نيو ليفٽ تحريڪ جي هڪ سرگرم شخصيت بڻجي ويو ۽ تازو ئي قائم ڪيل سوشلسٽ رجسٽر ۽ دي نيو ليفٽ ريويو ۾ مستقل طور تي لکڻ لڳو. حمزه علوي نيو ليفٽ ريويو ۽ دي ليفٽ ريوريو (ULR) جي سرواڻيءَ ۾ به شامل ٿي ويو.

## 2.4 تدريسي ڪم ڪار

حمـزه علـويءَ جـو پهريـون تدريـسي ڪـم 1966۾ سـسيڪس يونيورسٽيءَ جـي انٽرڊسـپلنري انـسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمنٽ اسٽيڊيز (IDS) ۾ هو، هيءُ ادارو ساڳئي سال ئي قائم ٿيو هو. اُتان ئي هُن 69-1968 دوران پاڪستان ۾ زرعي معاشري بابت پنهنجي بنيادي سماجي عِلم الانسان وارو اڀياس شروع ڪيـو، جنهـن ۾ ”بـرادري“ وارن ڳانـڍاپن جـي چونـڊن واري سياسي سرشتي سان تعلق کي واضع ڪيائين. پندرهن مهينن تائين پنجاب جي ساهيوال ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ سندس اورچائپ ۾ ري شرڪتي مشاهدي کيس سياسي قوت جي ڳوناٺي بنيادن، نسلي ۽ مٽي مائٽن جي ڍانچن ۽ پاڪستان جي سبز انقلاب بابت پنهنجي ادراڪ جوڙڻ ۾ مدد ڪئي.

1971 ۾ حمزه علويءَ جي ڏيهہ ورڻ وارو ارادو پارت سان جنگ ۽ پاڪستان ٽٽڻ سبب رولڙي ۾ پئجي ويو، هُن هڪ وڏيڪ مستحڪم ۽ گهٽ فوجي اثر رسوخ واري پاڪستان ۾ هاري اڀياس جو هڪ انسٽيٽيوٽ شروع ڪرڻ ٿي چاهيو.

1972 ۾ حمزه علويءَ ليڊز يونيورسٽيءَ جي سياست واري شعبي ۾ ليڪچررشپ اختيار ڪئي. شعبي جو سربراهہ، لنـڊن اسـڪول آف اڪنـامڪس ۾ سـندس پراڻـو دوسـت ۽ سوشلسٽ رجسٽر جو شريڪ باني رالف مليبيند هو، هُن وانگر، مليبيند پڻ، جيتوڻيڪ هڪ مختلف ماحول ۾، سياسي معيشت ۾ رياست جي ڪردار تي ڪم ڪيو هو.

ڪيس اُن دور ۾ آچيل پر قبول نہ ڪيل پروفيسر بڻجڻ واريون درخواستون ذڪر جوڳيون آهن، جاڪاڻ جو اِهو امر حمزه علويءَ جي ذاتي، اجتماعي ۽ ڪٽنبي قدرن جو مظهر آهي. انهن مان هڪ اونٽاريو ڪينيڊا جي ڪوئينز يونيورسٽيءَ ۾

پروفيسري هئي جڏهن تہ بي ايمسٽرڊيم يونيورسٽيءَ جي سوشيالاجي ۽ اينٽروپولاجي شعبي ۾ چيئر هئي. پهرين، جنهن لاءِ مقرريءَ وارو خط پڻ جاري ڪيو ويو هو، سندس سياسي پسمنظر بابت انٽيليجنس اداري جي جانچ سبب عملي صورت اختيار نہ ڪري سگهي، جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ اڳواٽ جانچ جي ٽن مهينن ڪانپوءِ 1971 ۾ مخصوص ويزا پڻ جاري ڪئي وئي هئي. سندس ڪينيڊا روانگيءَ کان ڪجهہ ئي مهينا اڳ ڪيس جاٽايو ويو تہ ڪينيڊا ۾ سندس داخل ٿيڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. ڪوئينز يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر آخرڪار اِها پابندي هٽرائڻ ۾ سوڀارو ٿيو. پر اوستائين حمزه علويءَ ڪينيڊا وڃڻ واري خيال کي مناسب نہ سمجهيو جو هو هڪ لبرل مهاندي پويان ترقي پسند ساجاهہ وندن خلاف مت پيد ۽ ڳجهي نگرانيءَ کان مايوس ٿي چڪو هو.

هو پنهنجي ساروٽين ۾ لکي ٿو تہ ٻين ناميارن ساجاهہ وندن جهڙوڪ اينڊري گنڊر فرنيڪ، گبرائيل ڪولڪو ۽ استوان ميزساروس پڻ ساڳي نوعيت جو ورتاءُ ڀوڳيو هو، هُن لاءِ اِها ڳالهہ خاص طور تي پريشان ڪندڙ هئي تہ وائس چانسلر جي همت ڀرئي موقف جي باوجود سندس ڪو بہ ساٿي هن جي حمائت ۾ اُٿي ڪڙو نہ ٿيو ۽ نہ ئي منجهائن ڪنهن ذاتي طور تي حمائت ۾ ٻڙڪ ٻولي هئي. ان ريت هُن اُها پروفيسري اختيار نہ ڪئي جنهن ڪيس ليڊز يونيورسٽيءَ جي پيٽ ۾ ٿيڻ تي معاوضو تي ڏنو پر پنهنجي ڳاٽ کي اپو رکندي پنهنجي اصولن تي ثابت قدم رهيو.

پروفيسر ورٿيئم طرفان ايمسٽرڊيم يونيورسٽيءَ جي سماجيات، علم الانسان سينٽر واري خالي ڪيل چيئر هڪ اُڌمي ڀري جاءِ هئي ۽ ٽن ڏينهن ۾ هالينڊ جيڪڏهن ترقي پسند نہ تہ بہ هڪ نسبتاً معتدل ملڪ ضرور هو. پروفيسر ورٿيئم جي

رٿ تي درخواست اُماڻيندڙ حمزه علويءَ کي ٻين ڪيترن ئي اُميدوارن تي ترجيع ڏئي چونڊيو ويو، مقرري بورڊ ڪيس چيئر لاءِ چونڊي ورتو پر سندس گهرواري خاتون ايمسٽرڊيم منتقل ٿيڻ تي اعتراض واريو، اوستائين هوءَ برطانيا کي پنهنجو گهر ليکڻ لڳي هئي. ٻارن کان محروم، پنهنجي زندگيءَ جي ساٿياڻيءَ کي مان ڏيندي جيڪا هُن وانگر سماجي ناتا رکندڙ نہ هئي، ۽ جنهن سندس ڪم ڪارين ۾ تبديلين ۽ مختلف علائقن ڏانهن منتقلين تي گهڻو ڪجهہ پوڳيو هو، حمزه علوي پنهنجي اُميدواريءَ تان هٿ ڪنيو جنهن ايمسٽرڊيم ۾ تقرري بورڊ ۽ سينٽر وارن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. ناميا ري چيئر تي هُن ليڊز يونيورسٽيءَ ۾ عمومي ليڪچرار رهڻ کي ترجيح ڏني جنهن جو وڏو ڪارڻ پنهنجي گهرواريءَ لاءِ سهولت ۽ سڪون مهيا ڪرڻ هو. هُن رالف مليبيند ۽ سياسيات واري شعبي جي ٻين ميمبرن سان پنهنجي ڪم ڪار واري لاڀائتي سنگت کي اعزاز ڏني ڀانيو جن پنهنجي پروگرام ڏانهن متوجهہ ٿيندڙ تحقيقي شاگردن جي هڙان ۽ وڙان واهر ٿي ڪئي.

حمزه علوي 1977 ۾ مانچسٽر يونيورسٽيءَ جي سماجيات واري شعبي ۾ ريڊر بڻيو، اِهو شعبو سندس دوست ٿيوڊور شانن تي هلايو جيڪو پڻ هُن وانگر هاري/زرعي معاشري جو سرواڻ شاگرد هو. اُت هو ايندڙ هڪ ڏهاڪي تائين دنيا جي مختلف حصن سان تعلق رکندڙ ساٿين ۽ شاگردن سان اُملهہ ڪم ۾ جنبيل رهيو. هت هڪ مختصر ڳالهہ اورڻ دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندي جنهن مان حمزه علويءَ جي رسمي گهرجن جي پورائي کان انڪار جو پتو ٿو پوي. هو ساري ٿو تہ هڪ مرحلي تي، ٿيوڊور پنهنجي عملي جي قابليت جي بنياد تي يونيورسٽيءَ جي شعبن کي چٽاڀيٽي ۾ موجود دور سان نهڪاءُ ۾ هئڻ بابت ڪجهہ اِهو چيو تہ، "اسين چاهيون ٿا تہ

تون پي ايچ ڊي ڪرين. اِها ڳالهہ عملي جي فهرست ۾ اسانجي تشهيري مواد ۾ چڱي لڳندي. اسانکي پتو آهي تہ تنهنجي ڪمن مان هرڪو توکي انجو اهل بڻائي سگهي ٿو. پنهنجي ڪم هيٺ ڪنهن بہ موضوع تحت پنهنجو پاڻکي رجسٽر ڇو نٿو ڪرائين، ۽ ڪنهن يڪرائپ واري وقت تي، جڏهن تون تيار هجين پنهنجو ڪم داخل ڪرائي پي ايچ ڊي حاصل ڪر.“ حمزه علويءَ ڪن پل لاءِ سوچيو ۽ پوءِ هينئين ريت هڪ آکاڻي ٻڌايائين.

”ساهيوال واري ڳوٺ ۾ جت پنهنجي پڙهائي ۾ رڌل هئس، مقامي آباديءَ جي هڪ پرئي مڙس جي هر ڪنهن وڏي عزت ٿي ڪئي. هڪ ڏينهن، ڳوناڻن هُن ڏانهن ماڻهن جو هڪ ميڙ اُماڻيو،“ بزرگ! توکي پتو آهي تہ اسين اوهانجو ڪيترو احترام ۽ مان ٿا رکون. اوهين اسان لاءِ سڀڪجهہ آهيو. پر پرسان واري ڳوٺ جا رهواسي چئٽر ٿا اڏائين جو ڪين پتو پيو آهي تہ اوهانجي اجان تائين ظهر تيل ناهي.“ ان تي بزرگ زوردار ٽهڪ ڏنو، جڏهن تہ ٻيا لچاري مرڪ مرڪڻ لڳا. منجهائن هڪڙي چيو تہ، ”چڱو ٿيو جو ان ڳالهہ اوهانکي چيڙايو ناهي، هاڻ هيئن ٿا ڪريون جو تر جو پلوڙ حجم گهرائي اوهانجي ظهر ٿا ڪرايون.“ بزرگ ٻيهر ٽهڪ ڏنو ۽ چوڻ لڳو ”اِها ڪيڏي نہ عجب ڳالهہ آهي جو هيترن سالن ڪانپوءِ، جڏهن پنهنجا ٻار تہ ڇا ڏوهٽا پوٽا بہ اٿم ۽ هڪ ڪان وڏيڪ پيرا پرڻيو آهيان، هاڻ ٿا مونکي ظهر ڪرائڻ لاءِ چئو. هاڻ جڏهن منهنجو اوزار ڏکيو سکيو پنهنجو ڪم ٽپائي چڪو آهي ۽ جڏهن پنهنجي حياتيءَ جي پوين ڏينهن تي اچي رسيو آهيان تڏهن ٻين جي سوچڻ جو فڪر ڪندي انهن رسمن جو پورائو ڇو ڪرايان؟“ ٿيوڊور ڳالهہ سمجهي ويو ۽ وري ڪڏهن بہ اِهو مامرو نہ اُٿاريائين. ڪجهہ بہ هجي انهن سمورن سالن دوران

حمزه علوي بين کي ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ اُتساهيندو ۽ همٿائيندو رهيو ۽ جيڪڏهن ڪيس پنهنجي پي ايچ ڊيءَ ۾ ڪا دلچسپي هجي ها تہ ڪر 1940 واري ڏهاڪي دوران پونا ۾ يا 1950واري ڏهاڪي دوران لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس ۾ ڪري چڪو هجي ها.

1988 ۾ مانچسٽر يونيورسٽيءَ مان ريٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ، حمزه علوي ڪيليفورنيا يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو تدريسي دور مڪمل ڪرڻ ڪان اڳ مختلف يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪولراڊو ۾ ڊينور يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر پڻ رهيو. مجموعي طور تي، پنهنجي تحقيقي ۽ تدريسي ڪمن دوران حمزه علويءَ ڪيليفورنيا يونيورسٽي، لاس اينجلس، ڊينور يونيورسٽي، سيسڪس يونيورسٽي، مانچسٽر يونيورسٽي، ليڊز يونيورسٽي، ملائيشيا يونيورسٽي ۽ مشِگن اسٽيٽ يونيورسٽي سان واسطو رکيو.

## 2.5 پاڪستان واپسي

اولهہ ۾ مجتا ماڻڻ جي باوجود، حمزه علوي سدائين پاڪستان موٽڻ ۽ اُتي ڪجهہ ڪارائتو ڪم ڪرڻ لاءِ اتاولو ٿي رهيو. هو پنهنجي هم خيال دوستن ۽ ساٿين سان سدائين رابطي ۾ رهيو. ڪئنسر وگهي پنهنجي گهرواري خاتون جي لاڏاڻي ڪانپوءِ حمزه علوي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهڻ واسطي1997 ۾ پنهنجي اباڻي گهر ڪراچي منتقل ٿيو. پنهنجي خراب ۽ نازڪ طبيعت جي باوجود، هو اُن پاڪستان ۾ انتهائي سرگرم رهيو جيڪو اڌ صدي اڳ اسٽيٽ بينڪ ۾ سندس ڪم ڪرڻ واري دور ڪان هاڻ گهڻو مختلف هو. هُن مختلف شهرن ۾ ليڪچر ڏنا، لکڻ ۽ تحقيق جو ڪم جاري رکيائين ۽ پنهنجي

پراڻن ۽ نون سنگتن سان لاڳاپو رابطو برقرار رکيائين. هن خاص طور تي، ننڍي ڄمار وارن جي سنگت ۾ آسپاس ٿي ماڻهو، جن مان ڪي گهڻ جاتل سڄاتل ۽ گهڻا محروم طبقن سان واسطو رکندڙ هئا. سندس ڪتبخانو هُر ان فرد لاءِ کليل هو، جنهن وٽ سوچ جي لوچ هئي. سندس ڪجهه لکڻيون اڙدو ۾ به ترجمو ٿيون. سڀ کان پهرين سندس هڪ مضمون ٽه ماهي تاريخ ۾ شائع ٿيو، جنهن ڪانپوءِ ٽي ڪتاب جاگيرداري اورسامراج، پاڪستان: رياست ڪا بحران ۽ تخليق پاڪستان، سماجي اور سياسي مباحث شائع ٿيا. هُن ٽه ماهي تاريخ جي صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر ٿيڻ قبوليو. ارتقا انسٽيٽيوٽ آف سوشل سائنسز سان سندس ڏگهو تعلق رهيو ۽ نوجوانن جي اُن ٽولي جو پرجهلو بڻيو جن ماهوار رسالو بدلتي دنيا جاري ڪيو جنهن لاءِ هو پڻ ڪڏهن ڪڏهن لکندو رهيو. اِهو چئي سگهجي ٿو ته حمزه علويءَ پنهنجي ڪٽنب جي تعليمي خدمت واري روائت کي برقرار رکيو پر ان ڏس ۾ پنهنجي والد ۽ ڏاڏي کان مختلف ڏگ اختيار ڪندي واضع طور تي سوشلسٽ ۽ جوڳي حد تائين انقلابي تعليم ۽ سوچ اختيار ڪيائين.

## 3- سوچ جي سفر ۾ پاڳي پائيواري

پنهنجي عملي زندگيءَ جي پڇاڙڪن سالن ۾ پاڪستان موٽندي، سوشلسٽ سرگرم ڪارڪنن، دانشورن جي عالمي برادريءَ سان حمزه علويءَ جو وسيع عالمي سنگ سياپو برقرار رهيو، انجي تصديق 2003 ۾ سندس لاڏاڻي مهل پڻ ٿي جڏهن اينڊري گنڊر فرينڪ، ڪولن ليز ۽ ليئو پينچ جهڙن ماڻهن انٽرنيٽ تي ڪيس بي ساختو خراج پيش ڪيو. حمزه علويءَ جي بين الاقوامي تجزياتي حاصلاتن ۾ بينڪيتي راج

ڪانپوءِ وارا معاشرا، هارين جو سياسي عمل، نسل ۽ ڪٽنبي/ نک جا ڳانڍاپا وارا نظريا/فڪر شامل آهن. سندس حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ڪيس ميجتا ڏيڻ جي مقصد سان شائع ڪيل مضمونن جو ڳٽڪو انهن حاصلاتن جي اُملهه جهتن جو واضح ثبوت آهي. اِهو ڳٽڪو 2002 ۾ پروفيسر ايس ايم نسيم ۽ ڊاڪٽر خالد ندويءَ سهيڙيو جيڪي ترتيبوار پاڪستان ۾ ترقياتي معيشت جو سرواڻ ۽ عالمي سطح تي ناميارو پاڪستاني ترقياتي ڄاڻو آهن.

حمزه علوي 'همعصر ايشيا جو رسالو' جي 1971 کان 1985 تائين، ۽ هاري اڀياس جو رسالو جي 1973کان 1996 تائين ادارتي بورڊ تي ميمبر رهيو. پنهنجي سڄي حياتي مضمون لکڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ هُن ڪيترائي ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا جن مان اسرندڙ معاشرن جي سماجيات جو تعارف (1982) ۽ ڏکڻ ايشيا: اُسرندڙ معاشري جي سماجيات (1989) اهم آهن، (انهن سمورين لکڻين جي تفصيل لاءِ هن ڪتابڙي جي پڇاڙ ۾ ڏنل حوالن کي ڏسو- حمزه علويءَ جون لکڻيون hamzaalavi.com ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهن).

## 3.1 هارين جون تحريڪون

سماجي سائنس جي ڪيتر ۾ حمزه علويءَ جو شايد پهريون اهم ڪم 1965 دوران ”هاري ۽ انقلاب“ جي سري هيٺ لکيل هڪ مضمون هو، جنهن ۾ هارين جي مختلف درجن جي ترقي پسند تحريڪ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ واري مامري کي بحث هيٺ آندو ويو هو. ان موضوع تي لکڻين ۾ اِهو مضمون اڳتي هلي 1969 دوران سٽي يونيورسٽي نيويارڪ جي نامياري پروفيسر ايرڪ وولف جي حصيداريءَ سان گڏ سلهاڙيو تو

وجي. روسي، چيني، ويتنامي، الجزائزي ۽ ڪيوبائي انقلابن ۾ هارين جي ڪردار ۽ هندستان ۾ هاري اُڀارن تي آڌاريل اِهو علوي-وولف مقالو انيڪ علمي رسالن، ڪتابن ۽ ٻي ايچ ڊين جي مقالن ۾ بحث هيٺ آيو. انهيءَ مضمون هڪ جوڳو ڀونچال کڙو ڪيو، جنهن جو مرڪزي نڪتو ڳوٺاڻي ايراضين ۾ گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي طور تي وچولي هارين کي سڀ کان وڌيڪ پرجوش حصو ليکڻ هو جيڪو غريب هارين جي اُبتڙ شهري پورهيتن جو فطري اتحادي ٿي بڻيو. انجو سبب کين حاصل نسبتاً آزادي آهي جيڪا غريب هارين کي ميسر نہ هئي. ٿيري بائرس (1985) وچولي هارين جي انقلابي ست بابت دليل ڏيندي انهيءَ بہ رڪني ٽولي ۾ شامل ٿيو. اِهو امر دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندو تہ انهيءَ موقف/مقالي جو اهم مخالف مائوزي تنگ هو، جنهن جو دليل هو تہ وچولي درجي وارا هاري ٻڌتر واري ڪيفيت ۾ ٿي سگهن ٿا جڏهن تہ غريب هارين وٽ وڃائڻ لاءِ ڪي بہ ناهي. (اومين2010) وچولي درجي واري هارين بابت نظرئي جي مخالفت ۾ دليل ڏيندڙ ٻين همراهن ۾ گوف (1968)، ڊانيگري (1983) ۽ اومين (1985) شامل آهن. بهرصورت ڪجهہ بہ هجي، اِهو مقالو/موقف اڄ بہ موجود آهي ۽ ان تي اڄوڪي دور جي تناظر ۾ بحث مباحثو ٿيڻ گهرجي، جڏهن ڳوٺاڻي علائقن ۾ طبقاتي ويڇا هڪ نئين جهت تي آهن ۽ ننڍا وچولا مٿاهين درجي وارا هاري اُپت جي اگهہ ۽ زمين جي معاوضي وارن نون مسئلن جي تناظر ۾ وڏين پرڏيهي ڪارپوريشنن کي ڀوڳي رهيا آهن. حمزه علويءَ جي هاري/زرعي معاشرن ۾ طاقت/اختيارن جي تجزئي ۽ ان مان پرايل نظرياتي سبقن ۽ طريقن کي ٻين هنڌن/شعبن تي پڻ لاڳو ڪري سگهجي ٿو. مثال جي طور تي هُن هارين جي صورتحال جي صنعتي پورهيتن واري صورتحال

وچ ۾ تضاد کي واضع ڪيو. سندس خيال موجب، صنعتي پورهيت ”نسبتاً آجپي سان پرجوش طبقاتي عمل ۾ شامل ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ جو (غريب هاريءَ جي ابتڙ) هو متبادل روزگار ڦلهورڻ جو ڪجهه وڌيڪ اهل آهي ۽ پنهنجي ۽ ڪٽنب جي گذران ڪان مڪمل محروميءَ واري جوکم جو گهٽ شڪار هجي ٿو.“ (علوي 1974 : 417 [نمبر16، پڇاڙ ۾ ڏنل فهرست موجب] گڏوگڏ ڏسو علوي 1975 [نمبر 26 ”ڪتاب جا باب“ تحت]). هيءَ مفروضو ۽ حمزه علويءَ طرفان رٿيل ”انحصار“ ۽ ”خود مختياري“ وارا تصور پاڪستان ۾ صنعتي پورهيتن جي سگهه ۽ قيادت جي ڊانچي بابت ڪيل اهم اڀياس جو نظرياتي اساس آهن. (ڏسو شهيد2007، گڏوگڏ اصدر علي2008) ساڳي ريت، جيتوڻيڪ خالد ندوي جي عملي تحقيق (ندوي1999) سيالڪوٽ ۾ شهري ايراضي تي ٻڌل آهي پر اِها ٻـ برادري ۽ سماجي سڃاڻپن ۽ انهن جي معاشي ڳانڍاپن تي اثرن بابت حمزه علويءَ جي آڳاٽي ڪم کي استعمال ٿي ڪري. وڌيڪ تازي دور ۾، آخري فوجي آمر جنرل پرويز مشرف کي اقتدار مان ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندڙ، سپريم ڪورٽ جي خود مختياريءَ جي حق ۾2007 دوران پاڪستان ۾ هلايل وڪيلن جي تحريڪ جو تجزيو پڻ حمزه علويءَ طرفان پيش ڪيل نبستاً آجپي واري پئماني تحت ڪري سگهجي ٿو. وڪيل شهري، وچولي طبقي وارا، خود مختيار پيشيور آهن نہ ڪي ”پگهار“ وارن ڪمن تي انحصار ڪندڙ (ڏسو 3.3) جنکي پنهنجي روزگار واسطي هڪ عمل پذير ۽ خود مختيار قانوني سرشتو ۽ وهنوار گهربل هوندو آهي. انڪري اِهو دليل پيش ڪري سگهجي ٿو تہ جنرل پرويز مشرف کي اقتدار تان هٽڻ لاءِ مجبور ڪندڙ وڪيلن کي قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ سينو سپر ٿيڻ ۽ فوجي جنتا طرفان

مڙهيل هنگامي حالتن جي مزاحمت لاءِ نسبتاً خودمختياري ميسر هئي.

## 3.2 سامراج ۽ بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري معاشري ۾ رياست

2003 دوران حمزه علويءَ ڪي انٽرنيٽ ذريعي خراج پيش ڪندي، ترقياتي اڀياس ۾ ”انحصار“ ۽ ”عالمي سرشتا“جهڙن نظرين جي باني ۽ سامراج ۽ جديد بينڪيت بابت پنهنجي ڪم سبب ناماچاري ماڻيندڙ اينڊري گنڊر سنڊن ڏاهپ واري واڌ ويجهه جي هڪبئي سان لڳو لڳ راهن جو ذڪر ڪيو. پنهنجي موت کان ڪجهه سال اڳ لکندي، فرينڪ مڃتا ڏني ته 1960 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ پهرئين پاڪستان ٽوڊي ۽ اڳتي هلي اڪنامڪ اينڊ پوليٽيڪل ويڪليءَ ۾ شائع ٿيل حمزه علويءَ جي بينڪيتي سرمائيداري ۽ امريڪي امداد جي بار جي نسبتي تجزئي ڪيس اٽپوري سرمائيداراڻي ترقيءَ بابت پنهنجي تجزئي لاءِ اهم مواد فراهم ڪيو.

انٽرنيٽ تي پنهنجي خراج ۾ سوشلسٽ رجسٽر جي شريڪ ايڊيٽرن پينچ ۽ ليئز جاٽايو ته حمزه علويءَ پنهنجو راهه جوڙيندڙ مضمون ”سامراج پراڻو ۽ نئون“ رجسٽر جي پهرين پرچي ۾ 1964 دوران ڇپرايو جڏهن ته ايندڙ ڏهاڪي دوران به وڌيڪ مضمون 1971 ۾ ”بنگلاديش ۽ پاڪستان جو گهوٽالو“ ۽ 1975 ۾ ”ڀارت ۾ بينڪيتي پئدواري طريقو“ ڏنائين، پويون مضمون پڻ سامراج بابت پهرئين مضمون وانگر ئي اثرائتو بڻيو. ترقي پسند سوچ تي پوندڙ سندس اٽمٽ اثرن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته 2004 ۾ جديد سامراجي للڪار جي سري هيٺ رجسٽر جي ڳتڪي ۾ گريگوري ايلبو ”جديد سامراجيت جي معيشت“ واري پنهنجي لکڻي جي شروعات

حمزه علويءَ جي چار ڏهاڪا اڳ 1964 ۾ لکيل هڪ حوالي سان ڪئي. هُن واضع ڪيو تہ انهيءَ مضمون جو نظرياتي ۽ سياسي ادراڪ اڄوڪي دور ۾ نئين سامراجيت جي تجزئي واسطي مرڪزي حيثيت رکي ٿو.

پاڪستان ۾ هاڻوڪي صورتحال، جت امداد (جنهن سان انيڪ شرط ۽ نيئر ڳنڍيل هجن ٿا) روانگي واپار مان اُپت ۽ پاڪستاني تارڪين وطن جن مان گهڻن ڪي حمزه علوي پنجاهہ واري ڏهاڪي جي پڇاڙ ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ ڊونڊاڙيو هو، جي اُماڻيل رقمن ڪانپوءِ پرڏيهي ناڻي جو ٽيون وڏو وسيلو آهي، اسانکي باور ٿي ڪرائي تہ جديد، سامراجيت نہ رڳو جيئري آهي پر ٽوناپڻ هڻي رهي آهي. وچ اوپر ۽ وچ ايشيا جو تيل ۽ ٻيا معدني وسيلا حاصل ڪرڻ واسطي نئين پراڻي سامراجي راند روزانو اسانجي اکين آڏو کيڏي ٿي وڃي.

رياست ۽ معاشري جي صفتن بابت بحث ۾ حمزه علويءَ جو هڪ بنيادي ياڱو بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ وارن معاشرن ۾ انتهائي اُسريل رياست وارو مقالو هو جنهن بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري گهٽ اُسريل ملڪن ۾ هڪٻئي پويان ٿيندڙ فوجي مداخلتن بابت اُٿندڙ سوالن جي اُپٽار ۾ مدد ڪئي. اهڙن معاشرن ۾، فوج ۽ ڪاموراشاهيءَ جهڙا ادارا بينڪيتي راڄ دوران انتهائي سگهارا ٿين ٿا جنهن جو مقصد بينڪيت جي شڪار ٿيلن جي واڌ ويجهہ/ترقي بدران شهري عملداريءَ وارن مفادن کي سياسي ۽ سماجي ڪنٽرول هيٺ آڻڻ واسطي ضابطن جا پنجوڙ وجهڻ هجي ٿو. اِها ڊانچي وار اڻ برابري، هڪ ناهموار قومي سماجي، معاشي ترقيءَ لاءِ پنهنجي سمورن اثرن سوڌو، رياست کي آزاديءَ مهل ورثي ۾ ملي ٿي. حمزه علويءَ 1947 ۾ دنيا جي نقشي تي اُڀرندڙ پاڪستان کي،

ان جي ڪامورڪي، فوجي ڍانچي جي انتهائي گهري اثر سبب هڪ "انتهائي اُسريل رياست" طور واضع ڪيو.

پنهنجي 2007 واري ڪتاب "ملٽري انڪارپوريشن:انسائيڊ پاڪستانز ملٽري اڪانومي" ۾ عائشا صديقا فطري طور تي حمزه علويءَ جي وائڪو ڪيل بينڪيتي راج ڪانپوءِ وارن سياسي ادارن جي ڪمزورين جو حوالو ڏنو (عائشا صديقا 2007، صفحا 66 کان 69). قوم اندر متضاد مفادن ۽ ڇتاپيتيءَ ۾ رڌل گهرن وچ ۾ ٿياڪڙي واري ڪردار ۾، سول-فوجي ڪامورا شاهيءَ ۾ توازن جيئن پوءِ ٿيئن فوج ڏانهن جهڪي رهيو آهي. وقت گذرڻ سان، فوج زمينن، رياستي ادارن ۽ ايستائين جو سول سروس ۽ آخرڪار سموري معشيت جي سٽين عهدن تي تقررين مان لاڀ پرائڻ شروع ڪيو.

1972 ۾ نيوليفٽ ريويو ۾ شائع ٿيڻ مهل حمزه علويءَ جي مضمون "بينڪيتي راج ڪانپوءِ وارن معاشرن ۾ رياست" هڪ جاندار بحث کي جنم ڏنو. ان مضمون ڪانپوءِ، جان سائول 1974 ۾ خاص طور تي افريڪي حوالي سان ۽ 1976 ۾ ڪولن ليز پڻ ساڳي موضوع تي قلم کنيو. اِهو موضوع خاص طور تي عالمي مالياتي ادارن واري تصور ۽ 1990 واري ڏهاڪي ۾ انهن جي شروع ڪيل ڍانچي وار نهڪاءُ پروگرامن، جيڪي رياست ۽ انجي ادارن جو ڪردار گهٽائڻ جا گهرجائو آهن، جي حوالي سان اڄ بہ تازو توانو آهي. انڪي ان ڳالهہ جي تصديق طور ليکي سگهجي ٿو تہ حمزه علويءَ ۽ سندس ساٿي رياستي ادارن جي انتهائي اُسريل هئڻ بابت بلڪل درست هئا. تاهم، هو سول فوجي ڪامورا شاهي، انجي بدعنوان پرماريت ۽ شهري معاشري جي استعمال جو حوالو ڏئي رهيا هئا نہ ڪي رياست طرفان فراهم ڪيندڙ صحت، تعليم ۽ ٻين عوامي ڀلائي وارين خدمتن جو جن تي عالمي مالياتي ادارن جي پاليسين راتاها هنيا آهن.

## 3.3 پگھاردار طبقو ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ مسلمان

حمزه علويءَ جو بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري رياست جي صورت گريءَ ۾ سرڪاري نوڪريءَ لاءِ پتوڙيندڙ پڙهيل ڳڙهيل "پگھاردار طبقي" وارو تصور انتهائي اهم آهي جيڪو سندس خيال ۾ پاڪستان نهڻ ۾ اهم ڪردار رکندڙ آهي. انهيءَ نقطي نظر کي رد ڪندي ته 1930ع ۽ 1940ع وارن ڏهاڪن دوران آزاد پاڪستان جي تحريڪ فقط مذهبي اُتساهه کان ئي متاثر ٿيل هئي، حمزه علويءَ جو چوڻ آهي ته انجي سرواڻي پگھار تي انحصار ڪندڙ مسلمان سرڪاري ملازمن ڪئي جنکي هو پگھاردار طبقو ٿو سڏي. هندو ۽ مسلمان پگھاردار طبقا هندستان جي ورهاڱي کان اڳ نوڪرين ۽ اختيارن لاءِ هڪٻئي سان چٽا ڀيٽيءَ ۾ رڌل هئا. رياستي نوڪرين ۾ پنهنجي گھڻ حصي جو تجربو ڀوڳيندڙ انهيءَ نئين پگھاردار مهاجر طبقي پروڙيو ته نئين رياست جي قائم ٿيڻ سان ڪين ئي سڀ کان وڏيڪ لاڀ رسڻو آهي.

اِهو تصور پاڪستان جي تحريڪ ۽ اڳتي هلي پاڪستان ۾ نسل پرست تحريڪن جي اُڀارسان گڏوگڏ مجموعي طور تي ڏکڻ ايشيا جي سياست ۾ علائقائي تحريڪن جي اُڀار تي ويچارڻ ۾ مدد ٿو ڪري. ان ريت حمزه علويءَ جو تجزيو واضح ٿو ڪري ته پاڪستان اسلام لاءِ نه پر مسلمانن لاءِ حاصل ڪيو ويو هو. اِهو فرق اهم ۽ اڄوڪي دور ۾ واسطيدار آهي. پاڪستان لاءِ تحريڪ جي اڳواڻ محمد علي جناح مذهبي حاڪميت قائم ڪرڻ جي منظوري نه ڏني هئي. هو هڪ لبرل جمهوريت پسند هو جنهن چاهيو ٿي ته مسلمان هندو بالادستيءَ واري دٻ ڪانسواءِ گھارين پر مذهبي حاڪميت نه ٿي چاهيائين. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ مهل، آئين ساز اسيمبليءَ

۾ تقرير ڪندي جناح اعلان ڪيو هو تہ، ”اوهانجو تعلق ڪنهن بہ مذهب يا ذات يا نسل سان هجي تنهن جو رياست جي وهنوار سان ڪو واسطو ناهي“ (رشيد 2004 : صفحا 82 ۽ 83) جناح جي ساٿي ۽ وارث وزيراعظم لياقت علي خان مارچ 1949 ۾ اعلان ڪيو تہ: ”ماڻهو اقتدارجا اصل وارث آهن، اِهو فطري طور ڪنهن مذهبي حاڪميت جي قائم ٿيڻ جي سمورن خطرن کي ختم ٿو ڪري“ (ساڳيو: صفحو90) مذهبي بنياد پرستيءَ خلاف هاڻوڪي جدوجهد جي روشنيءَ ۾ انهيءَ اهم دليل کي سمجهڻ، بهتر بنائڻ ۽ واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ورهاڱي کان اڳ واري هندستان ۾ رياستي نوڪرين لاءِ مختلف فرقن/مذهبن وچ ۾ ڇڪتا پيتيءَ جهڙي انداز ۾ پگهاردار طبقي ۾ صوبائي ۽ نسلي تڪرار پاڪستان ۾ نسلي تڪراءُ کي ريج ڏنو. اِهو ڇئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان ۾ لساني ۽ نسلي سڃاڻپن تي بدل نوان صوبا جوڙڻ واري هاڻوڪي پتوڙ ڪنهن حد تائين نين سياسي حيثيتن سان گڏوگڏ وڌيل پگهاردار طبقي ۾ نيون سرڪاري نوڪريون ماڻڻ جي خواهش جو اولڙو پڻ آهي.

انهيءَ تصور جو هڪ لاڳاپيل اثر، اِهو آهي تہ پگهاردار طبقي ۾ شامل ٿيڻ واسطي ڇڪتاپيتيءَ ۾ رڌل وچولي طبقي وارا نوڪريون ۽ عهدا حاصل ڪرڻ لاءِ تعليمي قابليت حاصل ڪرڻ واسطي ڄاڻ ماڻڻ لاءِ تعليم پرائڻ ۾ دلچسپي رکندڙ ناهن. اِهو مظهر شايد تعليمي سڌارن واري اهم مامري کي مخاطب ڪرڻ لاءِ گهربل قومي ڪاوشن ڏانهن غير سنجيده ورتاءُ جي وضاحت ٿو ڪري. ان ڏس ۾، تعليمي قابليت جي حوالي سان پاڪستاني پارليامنٽ جي هڪ ميمبر جو اعلان صورتحال کي واضح طور تي ڇتي ٿو. پارليامنٽ جي رڪنيت

لاءِ گهڻ ۾ گهڻ يونيورسٽي ڊگري رکڻ واري شرط جي ڏينهن ۾ جعلي ڊگرين واري مامري تي انهيءَ پارليامينٽ ميمبر جو چوڻ هو تہ، "ڊگري تہ ڊگري آهي، پوءِ ڀل اصل هجي يا نقل." (نيويارڪ ٽائيمس اخبار). انهن ڏينهن ۾ قاتا تہ پارليامينٽ جي ڪيترن ئي ميمبرن جعلي ڊگريون حاصل ڪيون آهن. اِهو بينڪيٽي راڄ ڪانپوءِ وارن گهٽي ياڳي معاشرن ۾ رسمي شعبي ۾ روزگار لاءِ پتوڙ واسطي گهربل "ڪاغذي قابليت" واري علامت يعني تعليمي ڊگريءَ جي ڏس ۾ ابهرائپ يري هنيوڇيءَ جو اعليٰ نمونو ليکي سگهجي ٿو.

## 3.4 مذهب ۽ جمهوريت

پاڪستاني قومپرستيءَ جي سيڪولر بمقابلہ مذهبي بنيادن تي ڊگهي ۽ لاڳيتو شديد بحث ۾، حمزه علويءَ جو حصو شاندار اهميت جوڳو آهي. انهيءَ بحث مباحثي ۾ ئي سندس شرڪت برطانوي راڄ هيٺ هندستان ۾ خلافت تحريڪ جي گهرائي سان جانچڻ لاءِ سندس راهہ هموار ڪئي، جنهن متعلق سندس خيالُ هو تہ ان مسلمان مذهبي عالمن جي سياسي اوج جا بنياد وڌا. اِها تحريڪ پهرين مهاڀاري لڙائي دوران عثمانيہ خلافت واري ترڪيءَ طرفان عالمي طاقت سان سلهاڙجندڙ استنبول واري خلافت جي بچاءُ ۾ اُٿيل هڪ پين- اسلامي اُيار هئي. جيتوڻيڪ برطانوي راڄ هيٺ هندستان ۾ انهيءَ تحريڪ ڪي پنهنجي نوعيت ۾ بينڪيت مخالف ليکيو ويو پر انجي اهم "حاصلات" سيڪولر سياست بدران هندستاني مسلمانن ۾ سياست جي مذهبي ۽ فرقيوار ادراڪ کي همٿائڻ هو. اِهو ڪو گهٽ مذاق ناهي تہ مهاتما گانڌيءَ خلافت تحريڪ جي حمائت ڪئي جڏهن تہ جناح انجي مخالفت ڪئي.[?]

---

[?] پيري اينڊرس (2012صفحا 9ءَ10 )، تازوئي مهاتما گانڌيءَ طرفان خلافت تحريڪ جي حمائت بابت لکيو آهي.

حمزه علويءَ 1997 دوران لاهور پريس ڪلب ۾ مذهبي پهلو کان هٽيل، پاڪستان قوميت جي علائقائي پهلو تي تفصيل سان ڳالهايو، جنهن کي 2004 ۾ شائع ٿيل ڪتاب ”پاڪستان : رياست ۽ معاشري بابت پيش منظر“ ۾ شامل هڪ مضمون جو حصو بڻايو ويو. هُن زور ڀريو دليل پيش ڪيو ته سنڌو سڀيتا وارو اسانجو گڏيل ورثو ”اسانجي گڏيل تاريخ ۽ پاڻ واري ادراڪ جي جوڙ جڪ“ ۾ ڏور رس اثر وجهي سگهي ٿو.

سيڪولر سياست ۽ شهرين جي برابريءَ واري مامري تي، حمزه علويءَ پهرين اسلامي سياسي رياست يعني پيغمبر محمدﷺ جي دور واري مديني جي آئيني جوڙجڪ جو اڀياس ڪيو. سندس چوڻ هو ته ميثاق مدينه ذريعي، مديني جا سمورا رهواسي، بشمول اِهي يهودي قبيلا جن نئين رياست سان گڏ رهڻ کي ترجيح ڏني ۽ جن جو نالي سان حوالو ڏنو ويو، ان جو حصو بڻيا. چوڏهن سئو سال اڳ واري انهيءَ مثال ذريعي حمزه علوي اسانکي پاڪستان ۽ ٻين مسلمان اڪثريتي رياستن ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ ويڇن ۽ پنهنجو پاڻ تائين ئي محدود رهڻ واري عمل دوران ياد ٿو ڪرائي ته برابري بابت پيغمبر کان گهڻو ڪجهه پرائي سگهجي ٿو. ان ۾ اسلام اندر سهپ ۽ اڻ مت ڀيد بابت سکڻ لاءِ ڪيترائي ڏور رس سبق موجود آهن، جيڪو عمل هاڻوڪي دور ۾ امن واسطي بهتر بين المذاهب ادراڪ لاءِ رستو هموار ڪري سگهي ٿو.

ڊيلي ٽائيمز جي ايڊيٽوريل (3 ڊسمبر2003) جو چوڻ هو ته جيتوڻيڪ حمزه علوي گهڻي ڀاڱي کاٻي ڌر جي دانشور طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو پر ”حقيقت ۾ هو سر سيد احمد خان جي روائت ۾ عقلي فلسيوف هو جنهن ادراڪ ماڻيو ته پاڪستان هڪ مسلم رياست طور اُن صورت ۾ ئي برقرار رهي سگهي ٿو جڏهن اهو پنهنجا صحيفا عقلي انداز ۾ پڙهي ۽ انهن جي

تنوع واري انداز ۾ اپنار ڪري. انڪري علوي قائداعظم جو انتهائي حمائتي هو ۽ سندس بابت پنهنجي تحقيقي صفت سان لکيائين جيڪو پاڪستان جي مذهبي اسٽيبلشمنٽ واري انداز کان بنھ مختلف هو.“ هڪ حوالي سان بينڪاريءَ واري پنهنجي اوائلي ڪم ڏانهن موٽندي، اِهو چئي سگهجي ٿو تہ، ”سندس آخري وڏو ڪم سپريم ڪورٽ آف پاڪستان طرفان وياج (ربيٰ) بابت قرآني فرمان جي غير عملي اپنار تي مضمون جو هڪ سلسلو لکڻ هو، (پاڪستان انهيءَ ڪورٽ فيصلي کي لاڳو ڪري نہ سگهيو). ڏاهپ ۽ منطق پرئي فرد طور، هُن هڪ ڀيرو ٻيهر اظهار ڪيو تہ ڪهڙي ريت مذهبي رياست لغوي دڳ اختيار ڪرڻ تي پنهنجو پاڻکي ڪيترو ايذائي سگهي ٿي.“ ايڊيٽوريل پڇاڙي ڪندي لکيو: ”جيڪڏهن هاڻوڪن سالن ۾ سندس بگڙجندڙ صحت اجازت ڏئي ها تہ هو سرمائيدار مخالف تحريڪ جو سرواڻ هجي ها جنهن جي اهميت عالمي واپاري تنظيم (WTO) تحت سال 2005 جي ويجهو اچڻ ڪري اسين سمورا تسليم ڪريون ٿا.“

## 4- پڇاڙڪا لفظ

جهڙي ريت هن مقالي جي ٻيلھ واري انداز ذريعي چٽيو ويو آهي، حمزه علوي جو ذاتي، سياسي ۽ دانشوراڻو يوگدان سندس سموري حياتي دوران هڪٻئي سان انتهائي ڳنڍيل رهيو. بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري رياست ۾، جنهن لاءِ شروعات ۾ ڪم ڪيائين ۽ اڳتي هلي جنهن کي ڇڏي ڏنائين، ۾ پنهنجي آڏو صورتحال پٺاندڙ سماجي اتفاق ۽ تبديلي حاصل ڪرڻ واسطي پتوڙيندو رهيو ۽ انجي ترقيءَ جي دولابن تي ڏاهپ پري تنقيد پڻ ڪندو رهيو. هُن اِهو بينڪيت ڪانپوءِ وارن ۽ جديد سامراجي ترقياتي وهنوارن جي هڪ وسيع تر تنقيد

واري دائري ۾ ڪيو، سندس تقيدي جائزو جيئن پوءِ تيئن عالمي حيثيت ماڻيندو ويو. هو خاص طور تي معاشري جي اهم پرتن طرفان اسلام جي اُڀار جي حوالي سان، تمام گهڻي تبديل ٿيل پاڪستان ڏانهن موٽيو، جيڪو عالمگيريت واري وڏيڪ ڳنڀير جديد سامراجي تصور ۾ ٽڳي رهيو هو. هُن انهيءَ حقيقت جو ادراڪ ڪندي ان تي تنقيد ڪئي ۽ پنهنجي پڇاڙڪن ڏينهن تائين بہ انهن فردن، ڪٽنبن ۽ برادرين تان اکيون نہ ٻوٽيائين جنڪي رياست ۽ معاشري طرفان درمان ملٺو هو.

هن مقالي ۾ ڏسي چڪا آهيون تہ حمزه علويءَ جيڪي ڪجھ لکيو ان مان گهڻو ٺڻو اڄ بہ لاڳاپيل آهي. انهن تصورن کي يقيني طور تي نين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ تنقيدي انداز ۾ پروڙڻ جي ضرورت رهي ٿي. مثال جي طور تي، بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري رياست ۾ جوڳي تبديلي آئي آهي، خاص طور تي ڍانچي وار توازني پروگرامن، ڪامورا شاهيءَ ۾ ڪمزورين ۽ نتيجي طور فوجي اسٽيبلشمنٽ جي طاقت ۾ انتهائي واڌ جي حوالي سان، ڳوناٺي ۽ شهري طبقن جو تبديل ٿيندڙ صورتحال ۾ تجزيو ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن دوران ڪم ڪار ڪندڙن ۾ عورتن سميت نون ايندڙن ۽ ننڍي پئماني واري ۽ غير رسمي معيشت ۾ ٿڙ پڪڙ ٿيلن تي نظر رکڻ گهرجي. شايد سڀ کان وڌيڪ اهم اهو تہ قومي اڏاوت ۽ قومي سڃاڻپ جي اُڀار ۾ مذهب جي ڪردار کي انيڪ پهلوئن کان پروڙڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ سموري عمل ۾، نئين سامراج جي ڪردار ۽ صفت، انجي توانائي ۽ وسيلن سان لاڳاپيل پتوڙ ۽ عالمي تحفظ وارن تصور ڪيل فوجي مفادن جو هڪ نئون تنقيدي تجزيو ڪرڻ جي ضرورت آهي. سو ايئن ڪٿي چئجي تہ حمزه علوي ٻين جي ڪرڻ واسطي پنهنجي پويان تمام گهڻو ڪم ڇڏي ويو آهي.

سندس عملي زندگي اچ ساڃاهه وندن طرفان جاري وهنوارن واري دنيا سان ڳنڍيل هئڻ سان گڏوگڏ عميق دانشوراڻي بنيادن مان عالمي پاليسين جي جوڙجڪ کي لاڳو رسائڻ جي ضرورت تي زور ٿي پري. اِهو امر جيئن پوءِ تيئن گهٽبو وڃي. ساڃاهه وند سولائي سان اِهو وساري ٿا ويهن تہ سندن اهم مقصد ۽ ڪارج ماڻهن جي حياتين ۾ بهتري آڻڻ آهي. حمزه علويءَ جي زندگيءَ جو داستان اسانکي اِهو پڻ ياد ٿو ڪرائي تہ بهترين دماغ رکندڙ انگي حسابن، معيشت ۽ ماليات جهڙن شعبي وار موضوعن کي پلي پت پڙهي، انهن ۾ مهارت حاصل ڪري انهن شعبن ۾ عملي ڪم ڪري سگهن ٿا پر ڪين اُتي بيهي رهڻ نہ گهرجي. چاڪاڻ جو انساني خصلت ۾ وسيع تر عوام لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ بهتر ڪندو رهڻ جي لوڙ جو هڪ اٽڪڻ حوصلو سدائين موجود ٿو رهي.

ذاتي، سياسي ۽ پيشيوراڻي لحاظ کان حمزه علوي انسانذات جي اجتماعي بهتريءَ سان ڳانڍاپيل هو. پنهنجي انهيءَ ڳانڍاپي کي هُن اسٽيٽ بينڪ، آبادڪاري، تدريسي عمل، مشاهدن، نظرياتي ۽ علمي لکڻين، برطانيہ ۽ پاڪستان ۾ عملي سياست ۽ سڀ کان وڌيڪ، نوجوان سرگرم دانشورن جي جوڙجڪ واري پنهنجي سموري حياتيءَ تي پکڙيل عهد تي لاڳو ڪيو. اِهي نوجوان سرگرم دانشور ئي آهن جيڪي هنن واسطي حمزه علويءَ طرفان ڪوليل دڳن کي اجائين وڌيڪ قلهوريندي اڳتي وڌندا.

# ذريعا ۽ حوالا

## حمزه علوي

### ڪتاب - ايڊٽ ڪيل/سهيڙيل


1- جان هيرس سان. ڏکڻ ايشيا: اُسرندڙ معاشري جي سماجيات. لنڊن : ميڪ ملن پريس/نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس،1989

2- فريڊ هيليڊي سان. وچ اوڀر ۽ پاڪستان ۾ رياست ۽ نظريو. لنڊن : ميڪ ملن پريس/نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس، 1988

3- پي ايل برنس، جي آرنائيٽ، پي بي مائير ۽ ڊي مڪ ايچرن سان. سرمائيداري ۽ بينڪيتي پئداوار. لنڊن:ڪروم هيلم، 1982

4- ٿيوڊور شينن سان. "اسرندڙمعاشرن" جي سماجيات جو تعارف. لنڊن: مڪ ملن پريس/نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس، 1982

5- رابرٽ ڊيل استيونس ۽ پيٽرجي بيرٽوسيءَ سان. بنگلاديش ۽ پاڪستان ۾ ڳوٺاڻي ترقي. هونو لولو: يونيورسٽي آف هوائي پريس، 1976


### ڪتابن جا باب/ڀاڱا


1- "يارت ۽ پاڪستان ۾ نسلي سياست." جديد ڏکڻ ايشيا بابت پيشمنظر: ثقافت، تاريخ ۽ نمائندگيءَ جو هڪ اڀياس، ۾، ڪملا وسويسورن جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 87 کان 99. آڪسفورڊ : ولي-بليڪ ويل، 2011

2- "پاڪستان جي قيام ۾ سماجي قوتون ۽ نظريو." تسلسل ۽ تبديلي: پاڪستان ۾ سماجي-سياسي ۽ ادارتي محرڪ، ۾، ايس اڪبر زيديءَ جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 11 کان 40- ڪراچي: سٽي پريس،2003

3- "راھون ڌار ڪرڻ"- ڏکڻ ايشيائي صدي : 1900 کان 1990تائين ۾، زبيده مصطفيٰ جو ايڊٽ ڪيل- آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 2000

4- "تاريخ جو طنز: خلافت تحريڪ جا تضاد"- اسلام، برادريون ۽ قوم: ڏکڻ ايشيا ۾ مسلم شناختون، ۾، مشيرالحسن جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 25 کان 56- نئين دهلي: منوهر پبلشرز، 1998

5- "بہ برادريون:ڳوناڻي اولهہ پنجاب ۾ مائٽيون/نکون." ڏکڻ ايشيا ۾ مسلم برادريون: ثقافت، معاشرو ۽ طاقت، ۾، ٽي اين مدن جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 1 کان 62- بيو وڌايل ڇاپو- نئين دهلي: منوهر پبلشرز، 1995

6- "پاڪستان-امريڪا فوجي اتحاد جا ٻڻ بنياد ۽ اهميت." پارٽي پرڏيهي پاليسيءَ تي سالنامو، 1990-91، ستيش ڪمار جو ايڊيٽ ڪيل- نئين دهلي:سيگ، 1991

7- "تبديل ٿيندڙ معاشري ۾ پاڪستاني عورتون،" "پاڪستان ۾ قوميت ۽ قومپرست"-پاڪستان ۾ معشيت ۽ ثقافت: ڪنهن مسلم معاشري ۾ پناهگير ۽ شهر، ۾، هيسٽنگس ڊونان ۽ پنيناوربنر جو ايڊٽ ڪيل-لنڊن: ميڪ ملن،1991

8- "پاڪستان ۾ آپيشاهي ۽ رياستي طاقت کي جائز قرار ڏيڻ." ايشيا ۾ بينڪيتي راڄ کانپوءِ واري رياست: سياست ۽ ثقافت جي جدليات، ۾ سبرتا ڪمار مشرا جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 19 کان 72-نيويارڪ هاوسيٽر وهيٽ شيف،1990

9- "بينڪيت جي اثر هيٺ ڏکڻ ايشيا جي سماجي ڍانچي جي جوڙجڪ." ڏکڻ ايشيا: اسرندڙ معاشرن جي سماجيات، ۾، حمزه علوي ۽ جان هيرس جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 5 کان 19- لنڊن ميڪ ملن-1989

10- "ڀارت ۽ پاڪستان ۾ نسلي سياست"- ڏکڻ ايشيا: اسرنڌڙ معاشري جي سماجيات، ۾، حمزه علوي ۽ جان هيرس جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 222 کان 246. لنڊن: ميڪ ملن،1989

11- ٿيوڊور شينن سان "تعارف"-زرعي سوال، ۾، ڪارل ڪائو تسڪي، ترجمو پيٽي برگيس، xxxix-xi لنڊن: زوان پبليڪيشنز،1988

12- "هارپو ۽ سرمائيداري: هڪ مارڪسي ڳالهه ٻولهه"، هاري ۽ زرعي معاشرا، ۾، ٿيوڊور شينن جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 185 کان 204- نظر ثاني ڪيل ڇاپو- آڪسفورڊ : بليڪ ويل پبلشرز،1987

13- "پاڪستان ۽ اسلام: نسل پرستي ۽ نظريو"- وچ اوڀر ۽ پاڪستان ۾ رياست ۽ نظريو، ۾، حمزه علوي ۽ فريڊ هيليڊي جو ايڊيٽ ڪيل- نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس،1988

14- "نسل پرستي، مسلم معاشرو ۽ پاڪستان جو نظريو-" پاڪستان ۾ اسلامي تجديد: ڪنهن جديد رياست ۾ اسلامي قانونن جو اطلاق، ۾، انيتا ايم وئيز جو ايڊٽ ڪيل، صفحا21 کان 48-سائراڪس: سائراڪس يونيورسٽي پريس،1986

15- "پاڪستان جا سماجي بڻ بڻياد ۽ اسلامي نظريو"- ڏکڻ ايشيا قير گهير، ۾، ڪليم بهادر جو ايڊٽ ڪيل، صفحا95 کان 132- نئين دهلي: پيٽرياٽ پبلشرز،1986

16- "پاڪستان ۾ رياست ۽ طبقا"- پاڪستان آمريت جا بنياد، ڊبر ڏئونس واري رياست جي سياسي معشيت، ۾، حسن گرديزي ۽ جميل رشيد جو ايڊٽ ڪيل- لنڊن: زيڊپريس، 1983(پاڪستان: غير مستحڪم رياست طور پڻ ڇپيل- لاهور: وينگارڊ بوڪس،1983)

17- ”بينڪيت ۽ بينڪيت ڪانپوءِ وارا معاشرا“، ”عواميت“ ”مارڪسزم ۽ ٽين دنيا“- مارڪسي فڪر جي لغت، ۾، ٽي بي بوٽومور جو ايڊٽ ڪيل- آڪسفورڊ: بليڪ ويل پبلشرز، 1983

18- ”پارت: بينڪيتي سرمائيداريءَ ڏانهن پرانگهه“- سرمائيداري ۽ بينڪيتي پئداوار، ۾، حمزه علويءَ جو ايڊٽ ڪيل- لنڊن:ڪروم هيلم، 1982

19- ”ذيلي سرمائيداري تحت رياست ۽ طبقا“- اسرنڊڙ معاشرن جي سماجيات جو تعارف، ۾، حمزه علويءَ ٿيوڊور شينن جو ايڊٽ ڪيل،صفحا289 کان307- لنڊن: ميڪ ملن/ نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس 1982

20- ”ذيلي سرمائيداريءَ جو ڍانچو“- اسرنڊڙن معاشرن جي سماجيات جو تعارف، ۾، حمزه علوي ۽ ٿيوڊورشينن جو ايڊيٽ ڪيل،صفحا172 کان191- لنڊن: ميڪ ملن/نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس 1982

21- ”بينڪيتَ ڪانپوءِ وارن معاشرن ۾ رياست“-ٽين دنيا ۾ سياست ۽ رياست، ۾، هيري گوئلبورني جو ايڊٽ ڪيل- لنڊن: ميڪ ملن، 1979

22- ”اولهه پنجاب جي ڳوٺن ۾ مٿيون مائٽيون/نکون“- ڏکڻ ايشيا جا مسلمان معاشرا، ٽي اين مدن جو ايڊٽ ڪيل- نئين دهلي: وڪاس پبليڪيشنز، 1978

23- ”ڳوناٽي اشرافيا ۽ پاڪستان ۾ زرعي ترقي“ - بنگلاديش ۽ پاڪستان ۾ ڳوناٽي ترقي، حمزه علوي، رابرٽ اسٽيونس ۽ پيٽر بيرٽوسيءَ جو ايڊٽ ڪيل- هونو لولو: يونيورسٽيءَ آف هوائي پريس، 1976

24- "پاڪستان" انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا، ۾- پندرهون ڇاپو-1974
25- "هاري ۽ انقلاب" - سماجي جوڙجڪ: هڪ اڀياس، ۾، جوزف لو پريٿوۓ ايل ايس ليوس جو ايڊٽ ڪيل- نيويارڪ: هارپر اينڊ رو،1974
26- "بينڪيتي راڄ ڪانپوۓ وارن معاشرن ۾ رياست"-صفحا145 ڪان173، "هاري ۽ انقلاب"صفحا291 ڪان 337- سامراج ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ انقلاب، ۾، ڪيٿلين گوف ۽ هري پي شرما جو ايڊٽ ڪيل-نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس،1973
27- "هاري ۽ انقلاب" پارت ۾ ڳوٺاڻي سماجيات، ۾، اي آر ديسائي جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 410 ڪان 423- بمبئي: پاپولر پرڪاشن،1969

## مضمون

1- "پاڪستان جي قيام ۾ سماجي قوتون ۽ نظريو" - 37، نمبر51 (2002): 5119-5125
2- "پاڪستان،افغانستان ۽ ڀارت جي وچ ۾" - نمبر 222 (2002): 24-31
3- ورهاڱي جا اهڃاڻ غلط طورپڙهڻ" - 37،نمبر44-45 (2002): 4515-4523
4- 33 ،نمبر25(1998): 1551-1557
5- 17،نمبر1 (1997): 1-16
6- "برطانوي سوشلزم: ڪڏهونڪو مثل، هاڻ پوريل" - 32،نمبر30(1997): 1901-1907
7- "پاڪستان ۾ قوميت ۽ فرقيوار تشدد" - همعصر ايشيا جو جرنل 21، نمبر 2(1991): 152 -178

8- "پاڪستان ۾ قوميت ۽ قوميتون"24،نمبر27 (1989): 1534-1527
9- "يارت ۾ فرقيواريت جا مادي بنياد" - پاڪستان پروگريسو9، نمبر2-3(1988)
10- "پاڪستان: تبديل ٿيندڙ معاشري ۾ عورتون" - 23 ،نمبر 25 (1988): 1330-1328، ويو پوائنٽ (1988)۾ بيهر ڇپيل،لاهور
11- "پاڪستان ۾ نسلي سياست"- پاڪستان پروگريسو9، نمبر1 (1987)
12-"بينڪيتي جوڙجڪ جو ڍانچو" - ايڪانامڪ اينڊ پوليٽيڪل ويڪلي 16،
13- "يارت: جاگيرداريءَ کان بينڪيتي سرمائيداريءَ ڏانهن برانگهه" - همعصر ايشيا جو جرنل10،نمبر4(1980): 399:359
14- "پاڪستان ۾ ڳوٺاڻي اشرافيا ۽ زرعي ترقي"- پاڪستان ايڪانامڪ اينڊ سوشل ريويو14،نمبر4/1(1976):173-210
15- "هندستان ۾ بينڪيتي پئداواري ذريعا".
1- ايڪانامڪ اينڊ پوليٽيڪل ويڪلي10، نمبر33-35، خاص پرچو (1975):1235-1262
2- سوشلسٽ رجسٽر1975، رالف ملي بينڊ ۽ جان سويلي جو ايڊٽ ڪيل، 160-197-لنڊن: ميرلن،1975
16- "ڏکڻ ايشيا ۾ سياسي طاقت جا ڳوٺاڻا بنياد". همعصر ايشيا جو جرنل 4، نمبر4(1974):413-422
17- "هاري طبقا ۽ آدجڳادي وفاداريون". هاري اپياسن جو جرنل1،نمبر1(1973):23-62
18- "پاڪستان جي زرعي ترقيءَ ۾ اشرافيائي آبادگار حڪمت عملي ۽ علائقائي اڻبرابريون".

1- پاڪستان اڪنامسٽ(1973)

2- ايڪنامڪ اينڊ پوليٽيڪل ويڪلي 8، نمبر 13(1973):

اي31 - اي39

19- ”بينڪيٽ ڪانپوءِ وارن معاشرن ۾ رياست:پاڪستان ۽ بنگلاديش“.

1- نيوليفٽ ريويو1،نمبر74(1972):81:59

2- (فرينچ)

"L´E´tat dans les societte´s post-coloniales: Le cas du Pakistan et du Bangladesh." Les temps modernes, no.314-315 (1972):684-708.

3- (اٽالين)

"Lo Stato nelle societa´Postcoloniali: l´esempio del Pakistan e del Bangladesh." Problemi del Socialismo 14, no. 10 (1972): 582-608.

20- ”اولهه پنجاب جي ڳوٺن ۾ نڪون-“پارٽي سماجيات ۾ پاڳي پائيواري6،نمبر1(1972):1-27

21- ”پاڪستان ۾ قوميتن جو گهوٽالو-“همعصر ايشيا جو جرنل 1،نمبر3(1971):42-66-”بنگلاديش ۽ پاڪستان جو گهوٽالو- “سوشلسٽ رجسٽرار 1971۾، رالف ملي بينڊ ۽ جان سويليءَ جو ايڊٽ ڪيل، 289-317- لنڊن: ميرلن، 1971

22- ”انحصار جي سياست: اولهه پنجاب جو هڪ ڳوٺ-“ ڏکڻ ايشيائي ريويو4، نمبر2 (1971): 111-128

23- ”پاڪستان ۾ سياسي اوسرجا مظهر ۽ آئيني تبديليون.“ آزاديءَ کانپوءِ آئيني تبديلين تي سهيڙيل مقالا، ۾- لنڊن: ڪامن ويلٿ اپياسن جو انسٽيٽيوٽ، 1969

24- ”اولهه پاڪستان جي زرعي معشيت جو ڍانچو ۽ ترقياتي حڪمت عملي-“ پاڪستان ايڊمنسٽريٽو اسٽاف ٽه ماهي 6، نمبر3-4 (1968)

-25 "پاڪستان ۾ فوج ۽ ڪامورا شاهي."

1- انٽرنيشنل سوشلسٽ جرنل 3، نمبر14(1966):140-181

2- Revue internationale du socialisme (1966)

-26 "برطانيا ۾ نسلي ناتا." افروايشين اينڊ ورلڊ افيئرس(1966)

-27 "هاري ۽ انقلاب"

1- سوشلسٽ رجسٽر ۾، 1965، رالف ملي بينڊ ۽ جان سويليءَ جو ايڊٽ ڪيل،241-277-لنڊن: ميرلن، 1965

2- (فرانسيسي)

"Paysans et revolution." In les temps modernes, no. 306 (1972): 1026-1074

3- (جرمن)

Theorie der Bauernrevolution. Stuttgart: Plakat-Bauernverlag, 1972.

4- (اسپيني)

Revoluciones Campesinas. Bogota´, Colombia: Topo Rojo Editores, 1973.

ارجنٽائين ۽ ميڪسيڪو ۾ به ترجما

5- عربي ۽ فارسيءَ ۾ ترجما

6 - هاري ۽ انقلاب-اين ايربر، مشيگن: ريڊيڪل ايجوڪيشن پراجيڪٽ،1965

-28 "تعصب جو أيار-"پليبس ميگزين،لڏ پلاڻ تي خاص پرچو(1965)

-29 "سامراج پراڻو ۽ نئون"

1- سوشلسٽ رجسٽر ۾ 1964،رالف ملي بينڊ ۽ جان سويليءَ جو ايڊٽ ڪيل،104-126-لنڊن؛ميرلن1964

2- (فرانسِي)

"Le nouvel impe´rialisme." In les temps modernes, no.219-220 (1964)

3- (اطالوي)

"Vecchio e nuevo imperialismo." In Critica marxista, no.2 (1964): 50-78.

4- (هسپانوي)

"Viejo Y nuevo imperialismo." In Teoria Marxista del imperialismo. Paolo Santi et al., 121-155. Co´rdova, Argentina: Cuaderno del Pasado Y Presente,1971.

5- جاپاني، عربي، پورچگيزي ۽ عبرانيءَ ۾ ترجما

30- "برطانيا ۾ پاڪستاني". لنڊن ۾ تارڪين وطن، شيلاپيٽرسن جو ايڊٽ ڪيل. لنڊن: سماجي خدمت جي ڪائونسل، 1963

31- امير خسرو سان، "پاڪستان: امريڪي امداد جو بار"

1- پاڪستان ٽوڊي،نمبر1 (1961)

2- نيو يونيورسٽي ٿاٽ 2،نمبر4(1962)؛31

3- پاڪستان؛امريڪي امداد جو بار-بوسٽن؛نيو انگلينڊ فري پريس،1963

4- پاڪستان ۽ امريڪي امداد جو بار-ڪراچي؛سيد اينڊ سيد،1965

5- سامراج ۽ اڳ-أسريل؛هڪ اپياس،رابرٽ آءِ رهوڊس جو ايڊٽ ڪيل، صفحا 68-72-نيويارڪ: ماهوار ريويو پريس، 1971

ويب سائيٽ: "جيون جا حصا (هڪ سوانح)"1995،حمزه علوي انٽرنيٽ آرڪائيوز ۾

## ٻيا

پي ايندرسن (2012)، ”گانڌي سينٽر اسٽيج“، لنڊن ڪتابن جو جائزو، 5 جولاءِ 2012

http://www.lrb.co.uk/v34/n13/perry-anderson/gandhi-centre-stage

ڪامران اصدر علي (2008)، ”ظفر شهيد، پاڪستان ۾ پورهيت تحريڪ جو جائزو“، سماجي تاريخ جو عالمي جائزو، ۾ (ڪيمبرج) 53 صفحا 528-530

جي بانا جي (2011)، نظريو تاريخ طور: پئداواري ذريعن ۽ استحصال تي مضمون (لئيڊن، برل)

پي اي باران (1973) واڌ جي سياسي معيشت (لنڊن، پيليڪن)

ٽي جي بائرس (1985)، ”زرعي سوال ۽ هارين ۾ تفاوت“ (پيش لفظ) اي رحمان جي سهيڙيل هاري ۽ طبقا: تفاوت جو هڪ اڀياس- بنگلاديش (نئين دهلي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس) صفحا ix-xxxvii

ڊي اين ڌناگري (1983)، ڀارت ۾ هاري تحريڪون 1920-11950 (نئين دهلي - آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

ڪي گوف (1968) ”ڏکڻ ڀارت ۾ هاري مزاحمت ۽ بغاوت“، پيسفڪ افيئرس 4 (4)، صفحا 526 - 544

سي لئيس (1976) ” ’وڏيڪ أسريل‘ بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ واري رياست : هڪ نئون پوتا ميل“، افريڪي سياسي معيشت جو جائزو 3(5)، صفحا 39-48

ڪي ندوي (1999) ”بدلجندڙ ناتا: سيالڪوٽ جي سرجيڪل اوزارن واري جهڳٽي ۾ سماجي ڍانچا“ ترقي ۽ تبديلي، 30 (1)، صفحا 141-175

ايس ايم نسيم ۽ کي ندوي (2002) (سهيڙيل) بينڪيت ڪانپوءِ واري رياست ۽ ڀارت ۽ پاڪستان ۾ سماجي ڦير گهير: حمزه علويءَ جي مجتا ۾ مضمون (ڪراچي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

ٽي ڪي اومين (1985) تحرڪ کان ادارتي مامري تائين: ويهين صديءَ دوران ڪيرالا ۾ زرعي تحريڪ جا جوهر، (ممبئي، پرهاشن)

ٽي ڪي اومين (2010) (سهيڙيل) طبقا، شهريت ۽ اڻ برابري: اُڀرندڙ پيش منظر (نئين دهلي، پيئرسن ايجوڪيشن)

يو پٽنائڪ، (1990) (سهيڙيل) زرعي ناتا ۽ انبار: 'ڀارت ۾ پئداواري ذريعن تي بحث' " (نئين دهلي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

طارق رحمان، (2012)، پاڪستان جو طبقاتي ڍانچو (ڪراچي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

اي رشيد، (2004) (سهيڙيل) پاڪستان: رياست ۽ معاشري بابت پيش منظر (لاهور، ساهي)

جي سائول، (1974) "بينڪيتي راڄ ڪانپوءِ وارن معاشرن ۾ رياست - تنزانيا" سوشلسٽ رجسٽر (لنڊن، 1974)

ظفر شهيد، (2007) پاڪستان ۾ مزدور تحريڪ: 1970 واري ڏهاڪي دوران ڪراچيءَ ۾ تنظيم ۽ قيادت (ڪراچي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

عائشا صديقا، (2007) ملٽري انڪارپوريشن: پاڪستان جي فوجي معيشت اندر جهاتي (ڪراچي، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس)

حمزه علويءَ ڪي انٽرنيٽ تي پيتا، 2003

(www.sacw.net/hamza_alavi)



ظفر شهيد پاڪستان ۾ مزدور تحريڪ تي پنهنجي پي ايچ ڊيءَ واسطي يونيورسٽي آف ليڊز ۾ حمزه علويءَ وٽ پڙهيو. لائوس ۽ سوڊان ۾ گڏيل قومن جي پناهگيرن بابت هاءِ ڪمشنر سان گڏ ڪم ڪرڻ کان پوءِ هُن جنيوا ۾ عالمي مزدور تنظيم (ILO) سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ويهن سالن تائين اُجرتن ۽ صنعتي ناتن جي ماهر طور ILO ۾ ڪم ڪيائين، تنهن بعد ڏهن سالن تائين ڪم ڪار دوران اصول ۽ حق همٿائڻ واري ڊائريڪٽر ڏيڻ سان گڏوگڏ مختلف ملڪن ۾ حڪومتن، مالڪن ۽ ڪارڪنن جي طور ڪم ڪيائين. پنهنجي عملي زندگيءَ دوران تحقيق ڪرڻ ۽ تربيت تنظيمن جو صلاحڪار پڻ رهيو. انهن سرگرمين جي نتيجي ۾ انهيءَ موضوع تي سندس انيڪ لکڻيون سامهون آيون.

2009 ۾ آئي ايل او ڇڏڻ کانپوءِ ظفر شهيد، يونيورسٽي آف مانچسٽر ۾ عالمي پورهيت معيارن، واپار ۽ ترقي، ڪوپن هيگن بزنس اسڪول ۾ پئداوار جي عالمي سلسلن ۾ پورهيت حقن، يونيورسٽي آف لائوسانيءَ ۾ واپارڪ اخلاقيات، عالمي پورهيت معيارن، ٻارن جي پورهئي ۽ ٽيورن جي عالمي تربيتي مرڪز ۾ آئي ايل او جي تاريخ ۽ سماجي انصاف بابت ان جي مينڊيٽ بابت وزيٽنگ ليڪچرار رهيو آهي.

HAMZA
ALAVI
FOUNDATION

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪـري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪـيا ويـندا. جيـڪڏهن ڪـو اهـڙي ڪـوشش ڪـري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهـي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهـنـدڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهـنـدڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهـنـدڙ بـہ ٿـي سـگهن ٿـا. پيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪـوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِـڪَـٻِـئي جي مـدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪـوشش نہ ڪـئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيـڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳـو پَـنَ سان اُن جـو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)